# ڇا ڳالهه ڪجي

# غوثِ اعظم رَحمَۃُ اللہِ عَلَیہ

05-December-2019



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

# ڇا ڳالھ ڪجي غوثِ اعظم

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعالىٰ جي رِضا هجي. ”فتاوىٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو).**

## دُرُود شريف جي فضيلت

حُضُور نبيءِ رحمت، شفيع اُمّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: قِيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي عرش جي علاوه ٻي ڪا ڇانو نہ هوندي، ٽي (3) شَخص الله پاڪ جي عرش جي ڇانوَ ۾ هوندا: (1) اُهو شخص جيڪو منهنجي اُمتي جي پريشاني دور ڪري (2) منهنجي سنّت کي زنده ڪرڻ وارو (3) مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهڻ وارو.“ (اَلبُدورُ السّافرة لِلسُّيوطي، ص ۱۳۱ حديث: ۳۶۶)

شافِعِ روزِ جَزا تم پہ کروروں دُرُود دافِعِ جُملہ بَلا تم پہ کروروں دُرُود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ **يعني** مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الکبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجھ سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڃائي ويهندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ربيعُ الآخر جو مهينو جاري ۽ ساري آهي. هي اهو مبارڪ مهينو آهي جو جنهن جي 11 **تاريخ تي**، پيران پير، روشن ضمير، حضرت شيخ عبدُالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو **عرس مبارڪ** ملهايو ويندو آهي، جنهن کي عاشقانِ غوثِ اعظم **وڏي يارهين شريف** بہ چوندا آهن، انهيءَ مُناسَبت سان اسان هن مُقَدَّس هستِي جو **ذِڪرِ خير، فضيلتون ۽ ڪرامتون، وصف ۽ مختصر تعارف** (Introduction) ٻڌنداسين، جن کي دُنيا **”غوثِ اَعظَم“** جي لقب سان سڃاڻندي آهي. الله ڪري جو اسان سڄو بيان دلجمعي ۽ سٺين سٺين نيتن سان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪري وٺون.

اچو! سڀ کان پهريان حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي علمي شان جو هڪ ايمان افروز واقعو ٻڌون ٿا:

## عِلم ۽ حڪمت جو سمنډ

حضرت حافظ ابُو العَبَّاس احمد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ته مان علّامہ ابنِ جوزي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان گڏ هڪ دفعي حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي بيان جي اجتماع ۾ حاضر ٿيس، هڪ قاريءَ قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪئي، تلاوت کان پوءِ حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وعظ جي شروعات ڪئي ۽ تلاوت ڪيل آياتِ مُبارَڪہ مان هڪ آيت جي تفسير بيان ڪندي آيت جي هڪ معني بيان فرمائي، حضرت ابُوالعباس رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون عَلامہ ابنِ جوزي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان پڇيا ڪئي، ڇا اوهان کي هن تفسير جو علم هو؟ انهن جواب ڏنو، ها! مون کي اهو تفسيري قول معلوم هو، ان کان پوءِ حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه انهيءَ آيت سڳوري جي ٻي تفسير بيان ڪئي، مون وري عَلامہ ابنِ جوزي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان پڇيا ڪئي، ڇا اها تفسير اوهان کي معلوم آهي؟ انهن جواب ڏنو، ها! وري انهيءَ آيت سڳوري جي ٽئين تفسير بيان ڪئي، مون وري عَلامہ ابنِ جوزي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان پڇيا ڪئي، ڇا اها تفسير اوهان کي معلوم آهي؟ انهن جواب ڏنو، ها! پوءِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه انهيءَ آيت سڳوري جي چوٿين پوءِ پنجين پوءِ ڇهين ايسيتائين جو ڏهه تفسيري قول بيان ڪيا، هر تفسير کان پوءِ علامہ ابن جوزي کان پڇا ڪئي، اوهان کي اها تفسير معلوم آهي، هر ڀيري منهنجي پڇڻ تي علامہ ابن جو جواب اهو ئي هو ته مون کي اهو تفسيري قول معلوم آهي، يارهين کان پوءِ حُضُورغوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه انهيءَ آيتِ مُبارَڪ جي ٻارهين تفسير بيان فرمائي. مون علامہ ابنِ جوزي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان پڇا ڪئي: ڇا اوهان کي اها تفسير بہ معلوم آهي؟ ته هو نفي (يعني انڪار) ۾ مٿو لوڏيندي چوڻ لڳا: نہ! اها تفسير منهنجي علم ۾ نہ آهي. پوءِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه انهيءَ آيت جي تيرهين تفسير بيان فرمائي، پوءِ چوڏهين بيان فرمائي، پوءِ پندرهين پوءِ سورهين، پوءِ ان کان بعد ويهه (20) تفسير، وري پنجويهه (25) ايسيتائين جو

تفسيرن جو تعداد ٿيھ (30) تائين پھچي وئي. ۽ يارھين تفسير کان پوءِ ھاڻي ھر تفسير تي علامہ ابنِ جوزي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو جواب اھو ئي ھوندو ھو تہ مان ھن تفسير سان واقف نہ آھيان. اھا تفسير منھنجي علم ۾ نہ آھي.

(بهجة الاسرار،ذكر علمه ...الخ،ص ٢٢٤ بتغير)

مَظہرِ عظمتِ غفّار ہیں غوثِ اعظم مُظہرِ رِفعَتِ جبّار ہیں غوثِ اعظم
نائبِ احمدِ مُختار ہیں غوثِ اعظم اور سب ولیوں کے سردار ہیں غوثِ اعظم
میرے مُرشِد مِری سرکار ہیں غوثِ اعظم میرے رہبر مرے غمخوار ہیں غوثِ اعظم
حشر کے روز ہماری بھی شفاعت کرنا آہ! ہم سخت گنہگار ہیں غوثِ اعظم

بنھي شعرن جي مختصر وضاحت: غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه اللّٰه پاڪ جي معاف ڪرڻ واري صفت جي عظمت ۽ غضب فرمائڻ واري صفت جي بلندي جا مظھر آھن. غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جنابِ احمدِ مختار صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا نائب ۽ سيني ولين جا سردار آھن. منھنجي رھنمائي ڪرڻ وارا، منھنجا سرڪار، منھنجا پيشوا ۽ مصيبت جي وقت منھنجي مدد ڪرڻ وارا بہ غوثِ پاڪ آھن. افسوس! اسان نھايت گنھگار آھيون پر اي غوثِ اعظم! اوھان سان التجا آھي تہ بروزِ محشر اسان جي بہ شفاعت ڪجو. اچو گڏجي حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جا نعرا لڳايون تہ، ھن سان اِنْ شَآءَ اللّٰه دل ۾ غوثِ پاڪ جي محبت بہ وڌندي:

اللہ کی رحمت غوثِ پاک ہیں باعثِ برکت غوثِ پاک
ہیں صاحبِ عزّت غوثِ پاک ہیں بحرِ سخاوت، غوثِ پاک
دریائے کرامت، غوثِ پاک فرماؤ حمایت غوثِ پاک
ٹل جائے مصیبت، غوثِ پاک سر تا پا شرافت غوثِ پاک

*مرحبا یا غوثِ پاک *مرحبا یا غوثِ پاک *مرحبا یا غوثِ پاک

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! عام طور جڏهن ڪنهن کي بيان ڪرڻو هوندو آهي ته اهو پهريان ان جي تياري ڪندو آهي، ڪيئي ڪيئي ڪتابن جو مطالعو ڪندو آهي، بيان جي هڪ ترتيب ۽ خاڪو پنهنجي ذهن ۾ ٺاهيندو آهي، بلڪ ڪڏهن ته مڪمل بيان يا ڪجهه ضروري نڪتا به لکي گڏ آڻيندو آهي ته جيئن بيان ڪرڻ ۾ آساني رهي، جيئن مثال جي طور مان اوهان جي اڳيان بيان ڪري رهيو آهيان ته مڪمل بيان هڪ ترتيب سان منهنجي سامهون موجود آهي پر قربان وڃجي! حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي علمي شان و شوڪت ۽ سندن جي بي مثال ذهانت تي جو پاڻ انهن آيتن تي بيان فرمايو جيڪي قاري صاحب تلاوت ڪيون هيون ۽ انهن آيتن جي هڪ نه، ٻه نه، ٽي نه بلڪ چاليهه (40) تفسيرون ۽ هر هر قول جي قائل جو نالو به بيان فرمايو ۽ اهڙي علم وحڪمت سان ڀرپور تفسير بيان ڪيائون جو جن کي ٻڌي علامه عبدالرحمٰن ابنِ جوزي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جهڙا وقت جا تمام وڏا عالِم ۽ امام به حيران رهجي ويا.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اي عاشقانِ غوثِ اعظم! بيان ڪيل واقعي مان حضور غوث ِپاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي قرآنِ ڪريم سان والهانه محبت ظاهر ٿي رهي آهي جو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه علم جو سمنڊ هئڻ جي باوجود قرآنِ ڪريم جا ڪيئي ڪيئي تفسير پڙهندا ۽ بيان ڪندا هئا. ڪثرت سان عبادت ۽ رِياضت ۽ قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪندا هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پندرهن (15) سالن تائين سڄي رات ۾ هڪ قرآنِ پاڪ ختم ڪندا رهيا. (بهجة الاسرار، ذكر فصول من كلامه... الخ، ص١١٨ ملخصاً)

هلندڙ زماني ۾ اسان غوث پاڪ جي محبت جي دعوٰي ڪندڙ پنهنجي حالت تي غور ڪريون ته ڇا اسان کي زباني نه بلڪ ڏسي ڪري **دُرست قرآنِ ڪريم** پڙهڻ اچي ٿو؟ گهر ۾ گاڏي هجي ۽ گاڏي هلائڻ نه اچي ته ان جي لاءِ باقاعده **ڊرائيونگ جو ڪورس** ڪيو ويندو آهي. ڳريون فيسون ادا ڪيون

ويندڙيون آهن ۽ جلد کان جلد ڊرائيونگ سکڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. اهڙي طرح شروع ۾ موبائل هلائڻ به نه ايندو هو، پر ماڻهن کان پڇا ڳاڇا ڪري اهو به سکي ورتو ۽ ڪنهن کان پڇڻ ۾ ڪو شرم به نه آيو. جيڪڏهن ڪاروبار ڪرڻ چاهيو ٿا ته ان جي لاءِ پهريان کان ئي ڪوڙ تجربيڪار ماڻهن کان مشورا ورتا ويندا آهن ته ڪٿي ڪاروبار ۾ نقصان نه ٿي وڃي، ان جي ڪري پهريان کان ئي معلومات حاصل ورتي، فائدي مند ۽ نقصان ده پهلو ڪي سامهون رکيو. اهڙي طرح انگلش ڳالهائڻ جو مثال وٺو، اسان وٽ ڪو به انگريزي سکي پيدا ناهي ٿيندو، مادري زبان ڪا ٻي هوندي آهي پر جڏهن انگلش سکي ورتي ته فرفر ڳالهائڻ به اچي ويو، بلڪ هاڻي ته اولاد کي ايتري انگلش سيکاريندا آهن جو اهي انگريزن کي به اِنگلش پڙهائي سگهن، پر قرآنِ ڪريم ايترو به ناهن پڙهائيندا جو جنهن سان اهي ويچارا پنهنجي نماز دُرست ڪري سگهن.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي گهرجي ته نه صرف پاڻ تلاوتِ قرآن جي عادت (Habit) بڻايون، بلڪ پنهنجي گهر وارن، دوست احباب ۽ ٻين مسلمانن کي به تلاوت قرآن ڪرڻ جي دعوت ڏيون، ۽ صرف پڙهون نه بلڪ قرآنِ پاڪ کي سمجهون به، هن ۾ چا آهي ۽ اسان کي چا ڪرڻ گهرجي؟ اهو به اسان کي معلوم هئڻ گهرجي ۽ ان جي لاءِ قرآنِ پاڪ کي تفسير سان گڏ پڙهڻ ئي فائدي مند آهي.

## ”تفسير صراط الجنان“ جو تعارف ۽ خوبيون

قرآنِ ڪريم کي بهتر طريقي سان سمجهڻ جي لاءِ روزانو فجر نماز کان پوءِ مدني حلقي ۾ ٽن آيتن جي تلاوت، ترجمو ۽ مڪتبة المدينہ جي تفسير **صِراطُ الجنان** مان هنن آيتن جي تفسير ٻڌڻ يا ٻڌائڻ يا وري اِنفرادي طور تي پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي، اِنْ شَآءَاللّٰه ان جي برڪت سان ڪثير علمِ دِين سکڻ جو موقعو ملندو.

اڇو تفسير صِراطُ الْجِنَان جون ڪجھ خوبيون بہ ٻڌون ٿا: (1) تفسير صِراطُ الجنان ۾ هر آيت جا 2 ترجما ڏنا ويا آهن، هڪ اعليٰ حضرت مولانا شاه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ڪنزالايمان مان، ٻيو ترجمو آسان اُردو ۾ ڪنزُ العرفان جي نالي سان ڏنو ويو آهي. جيڪو ڪنزالايمان مان ئي آسان اردو ۾ ترتيب ڏنو ويو آهي. (2) تفسيرصِراطُ الجنان ۾، تفسير خزائنُ العرفان ۽ تفسير نورُالعرفان جو فيضان آهي، تفسير خزائنُ العرفان، خليفہ اعليٰ حضرت، صدرُالافاضل سيد، حافظ، حڪيم مُفتي نعيمُ الدّين مُراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو ۽ تفسير نورُالعرفان سندن مشهور خليفي، مُفسر، حڪيمُ الامّت مفتي احمد يارخان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو آهي، (3) تفسير صِراطُ الجنان نہ وڌيڪ ڊگهو آهي نہ ئي نهايت مختصر، بلڪ متوسط ۽ جامع آهي. (5) تفسير صِراطُ الجنان ۾ وس آهر آسان انداز اختيار ڪيو ويو آهي تہ جيئن عام اسلامي ڀائر بہ هن مان فائدو حاصل ڪري سگهن. (5) تفسير صِراطُ الجنان ۾ اعمال جي اِصلاح جي لاءِ نيون پيدا ٿيندڙ مُعاشرتي بُرائين جو بہ رد ڪيو ويو آهي. (6) تفسير صِراطُ الجنان ۾ باطني بيمارين جي باري ۾ بہ تفصيل سان ڪلام ڪيو ويو آهي. (7) تفسير صِراطُ الجنان ۾ والدين، رِشتيدارن، يتيمن، پاڙيسرين وغيره سان سٺو سلوڪ ڪرڻ ۽ صِلہ رحمي ڪرڻ جي باري ۾ بہ اِصلاحي مواد موجود آهي. (8) تفسير صِراطُ الجنان ۾ عقائدِ اهلسنّت ۽ معمولاتِ اهلسنّت ڪي دلائل سان پيش ڪيو ويو آهي. (9) تفسير صِراطُ الجنان ۾ موقعي جي مناسبت سان حضورِ پُرنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۽ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ۽ اولياءِ عِظام جي سِيرت ۽ واقعا بہ ذِڪر ڪيا ويا آهن. (10) تفسير صِراطُ الجنان ۾ آيتن مان حاصل ٿيندڙ فائدا بہ آسان ۽ سادي انداز ۾ بيان ڪيا ويا آهن.

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "بعدِ فجر مَدَني حلقہ"

اڇو! اسان بہ نيت ڪريون ٿا تہ روزانو گهٽ مان گهٽ 3 آيتون، ترجمي ۽ تفسير سان گڏ صراط الجنان جو مطالعو ڪنداسين ۽ قرآنِ پاڪ جي تعليمات تي نہ صرف پاڻ عمل ڪنداسين بلڪ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ ترغيب

ڏياريندا سين. ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان روزانو جو هڪ مَدَني ڪم ”بعدِ فجر مدني حلقہ“ بہ آهي. جنهن ۾ فجر نماز جي جماعت کان پوءِ دعوتِ اسلامي جي تحت قائم ڪيئي مسجدن ۾ روزانو ٽن آيتن جي تلاوت مع ترجَمو ڪنز الايمان ۽ تفسيرخزائنُ العرفان، تفسير نُورالعرفان يا تفسير صِرَاطُ الجِنَان، (درسِ فيضانِ سُنَّت)، منظوم شجرهءِ قادِريہ رَضَويہ عطاريہ پڙهڻ ۽ ٻڌڻ جو معمول هوندو آهي.

❖ اَلْحَمْدُ لِلّٰه مَدَني حلقي جي بَرَڪت سان مسجِد ۾ ويهڻ جو ثَواب حاصِل ٿيندو آهي، ❖ فجر کان پوءِ مَدَني حلقي جي بَرَڪت سان تِلاوتِ قُرآن ڪرڻ ٻڌڻ جو شَرَف حاصِل ٿيندو آهي، ❖ فجر کان پوءِ مَدَني حلقو قُرآنِ ڪريم جو ترجمو ۽ تفسير سمجهڻ جو بهترين ذَرِيعو آهي، ❖ فجر کان پوءِ مَدَني حلقي جي بَرَڪت سان مَدَني اِنعامات تي عمل ٿي ويندو آهي، ❖ فجر کان پوءِ مَدَني حلقي جي بَرَڪت سان اِشراق و چاشت جا نفل پڙهڻ جو موقعو ملندو آهي، ❖ فجر کان پوءِ مَدَني حلقي ۾ بُزرگانِ دين رَحْمَةُ الله عَلَيهم اَجْمَعِين جي ذِڪرِ خَير تي مُشتَمِل شَجَرو شريف پڙهڻ ٻڌڻ جو شَرَف حاصِل ٿيندو آهي. اَلحَمْدُ لِلّٰه بُزرگانِ دِين رَحْمَةُ الله عَلَيهم اَجْمَعِين جي ذڪرِ خَير تي مُشْتَمِل هن مُبارَڪ شَجَري جي بَرَڪت سان ڪيئي عاشِقانِ رسول جون دعائون قبول ٿين ٿيون، مصيبتن ۽ پريشانين کان ڇوٽڪارو نصيب ٿيندو آهي ۽ رُڪيل ڪم ٺهجي ويندا آهن. اچو! تَرغِيب طور هڪ مَدَني بهار ٻڌو ۽ خوش ٿيو،

## ويزائون ملي ويون

هڪ اسلامي ڀاءُ تقريباً 14سال کان ٻاهرين مُلڪ ۾ مُقِيم آهن. جتي انهن جو پنهنجو ڪاروبار (Business) آهي. انهن کي هڪ ٻيري پنهنجي ڪارخاني ۾ ڪم ڪرڻ وارن جي ضَرورت پئي. انهن ويزن جي لاءِ بار بار درخواستون جمع ڪرايون پر ڪافي ڪوشِشن جي باوُجود ويزائون نہ ملي سگهيون. مُلازم نہ هئڻ جي ڪري انهن کي نقصان ڪٽڻو پيو. خير هڪ دفعو ٻيهر

درخواست جمع ڪرائي. انهيءَ دوران هڪ اسلامي ڀاءُ جي مَشوَري تي اُنهن شَجَري شريف مان دُعائيه شعرن کي بِلاناغه پڙهڻ شروع ڪيو. ان جي برڪت سان انهن جو اهو ڪم حَيرت اَنگيز طور تي ڪجهه ڏينهن ۾ ٿي ويو يعني اُنهن کي ضرورت مطابق ويزائون ملي ويون.

مُشکِلیں حَل کر شہِ مُشکِل کُشا کے واسطے کر بلائیں رَد شہیدِ کربلا کے واسطے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اَولِياءِ ڪرام ۾ مَحبوبِ سُبحاني، غَوثِ صَمَداني، عبدُ القادر جِيلانيرَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه، الله پاڪ جا اهي اعليٰ ترين ولي آهن، جيڪي تمام اَولِياء جا سردار آهن ۽ اُنهن جي شَخصِيت عوام وخواص سيني جي لاءِ عقيدت ۽ احترام لائق آهي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو تعلق اعليٰ ۽ عظيمُ الشَّان خاندان مان آهي، امير اهل سنت ڪيترو نہ خوب فرمائن ٿا :

تھرتھراتے ہیں شہا جنّات تیرے نام سے ہے تِرا وہ دبدبہ یا غوثِ اعظم دَست گیر
اولیا کی گردنیں ہیں آپ کے زیرِ قدم یا امامَ الاولیا یا غوثِ اعظم دست گیر
(وسائلِ بخشش مرمم،ص ۵۴۷)

اچو! پاڻ رَحْمَةُاللهِعَلَيْهجو مختصر تعارف ٻڌون ٿا:

## مختصر تعارف

❖ حضورغَوْثِ اعْظَمْ، شيخ سيد عبْدُالقادرجِيلانيرَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن جي ولادت باسعادت پهرين رمضان سن 470 هجري تي جيلان ۾ ٿي. (بهجة الاسرار، ص۱۸۱) ❖ غوث الوريٰ سيد عبْدُالقادر جِيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو نالو مبارڪ عبدُالقادر ۽ ڪنيت ابُومحمد آهي. ❖ مُحِيِ الدّين، مَحْبُوبِ سُبْحاني، غَوْثِ اعظم ۽ غَوثُ الثَّقلَين وغيره لقب آهن. ❖ شهنشاهِ بغداد، سيد عبدُالقادر جِيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اهلِ بيت يعني سادات گهراڻي ۾ پيدا ٿيا. ❖ پير پيران سيد عبدُالقادر جِيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

جو خاندان زُھد وتَقويٰ جي ڪري گھڻو مشھور (Famous) ھو. ❖ شاھِ جيلان سيد عبدُالقادر جِيلاني جي والده جو نالو **”سَيِده فاطمہ“** ۽ ڪنيت”اُمُّ الْخَيرِ“ آھي. (سيرتِ غوث اعظم،ص۲۷ملخصاً) ❖ محبوبِ سبحاني سيد عبدُالقادر جِيلاني جي والد محترم جو نالو مبارڪ **”سيد موسيٰ“** ڪنيت **”ابُوصالح“** جڏھن تہ لقب**”جنگي دوست“** آھي. ❖ حُضُورغوثِ پاڪ سيد عبدُالقادرجِيلاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه والد جي نِسبَت سان حَسَني (۽ والده ماجِده جي طرفان حُسيني سَيد) آھن. ❖ سرڪارِ بغداد سيد عبْدُالقادرجِيلاني جا والدِ سڳورا حضرت سَيدُنا ابُوصالح مُوسيٰ جنگي دوست رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه پنھنجي وَقت جي مشھور ولين سڳورن مان ھئا. (غوث پاڪ ڪے حالات،ص۱۵)

اَميرِاَھلسُنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه خاندان غوثِ پاڪ جي شان و عظمت بيان ڪندي لکن ٿا:

مُکَرَّم شہا تیرے سارے کے سارے ہیں آباء و اَجداد یا غوثِ اعظم

**شعر جي مختصروضاحت:** اي غوثِ اعظمرَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه اوھان جي خاندان ۽ آباء و اجداد جي تہ ڇا ڳالھ ڪجي اھي تہ سڀ جا سڀ عزت ۽ عظمت وارا آھن.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! عام طور ٻار جڏھن ماءُ جي پيٽ ۾ ھوندو آھي تہ اھو دُنيا ۽ دُنيا ۾ جيڪو ڪجھ بہ آھي، ان سان بلڪل بي خبر ھوندو آھي، پوءِ جڏھن دُنيا ۾ اچي ويندو آھي تڏھن بہ ان کي ھوش سنڀالڻ ۾ ھڪ ڊگھو عرصو درڪار ھوندو آھي، پر قربان وڃون! سردارِ اَولِياء، حضور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي ذاتِ با برڪات تان جو پاڻ نہ صرف ننڍپڻ ۾ بلڪ جڏھن اوھان جي اجا **وِلادت** نہ ٿي ھئي، تڏھن بہ سندن جو حال سڀني کان جدا ھو. پاڻ ننڍپڻ کان ئي صاحبِ ڪرامت ھئا، بلڪ ان دُنيا ۾ جلوه گري کان پھريان ۽ ولادت کان پوءِ پاڻ رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه سان ڪيئي ڪرامتون ظاھر ٿيون،

## ننڍپڻ جون ڪرامتون

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه رَمَضَانُ المُبارَڪ جي پهرين تاريخ تي سومر جي ڏينهن صبح صادِق جي وَقت دُنيا ۾ جَلوه گر ٿيا، ان وَقت چپ آهستہ آهستہ حَرڪت ڪري رهيا هئا ۽ الله الله جو آواز اچي رهيو هو. (منے کی لاش ، ص۳)

رونقِ کل اولیا یاغوثِ اعظم دستگیر
پیشوائے اَصفیا یاغوثِ اعظم دستگیر
آپ ہیں پیروں کے پیر اور آپ ہیں روشن ضمیر
آپ شاہِ اَتقیا یاغوثِ اعظم دستگیر

اي عاشقانِ غوثِ اعظم! يقيناً اهو ربّ ڪريم جو فضل ۽ احسان هو تہ ان پاڻ کي ننڍپڻ ۾ ئي ڪوڙ ڪرامتن سان نوازيو هو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي شان وعظمت ۽ ڪرامتن جي باري ۾ حضرت شيخ عبْدُ الحق مُحَدّث دهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا:

## موتين جي لڙهي

مشائخِ اولياءَ مان ڪو بہ ڪرامتن جي لحاظ کان پاڻ (غوث اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه) جي هم مقابل نہ هيو. ايتري تائين جو ڪجهہ مشائخن فرمايو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن جي ڪرامتن جو حال تہ موتين جي لڙهي جهڙو آهي جڏهن ٽُٽندي آهي تہ هڪ کان پوءِ ٻيو موتي ڪرڻ لڳندو آهي پڻ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن جي ڪرامتن جو تعداد شمار کان ٻاهر آهي. (اشعة اللمعات،كتاب الفتن،باب الكرامات، ۶۱۰/۴ مفهوماً)

حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ذاتِ بابرڪت تہ ڪرامتن ۽ ڪمالات جو مجموعو آهي، صرف سندن جي مُبارڪ نالي جي اها برڪت آهي تہ جتي پُڪاريو وڃي، مُوذِي جانورن کان ڇوٽڪارو ملي ويندو آهي.

اي عاشقانِ غوثِ اعظم! ٿورو سوچيو تہ جڏھن حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي نالي جي اھا برڪت ۽ عظمت ۽ ڪرامت آھي تہ درندا غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو نالو ٻڌي حملو نٿا ڪن، مُوذي جانور تڪليف نٿا پھچائن، تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ذات ڪيتري باڪرامت ۽ بلند رتبو ھوندي. ڪرامت ڇا کي چئبو آھي، اچو! ڪرامت جي تعريف ٻڌون ٿا:

## ڪرامت جي تعريف ۽ ان جو حڪم

دعوتِ اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي ڪتاب ”ڪراماتِ صحابہ“ جي صفحي 36 تي آھي تہ مومن متّقيءَ کان جيڪڏھن ڪا اھڙي نادرُالوجود ۽ تعجب خيز شيءِ صادر ۽ ظاھر ٿي وڃي جيڪا عام طور تي عادتًا ناھي ٿي سگھندي تہ ان کي ڪرامت چوندا آھن. اھڙي قسم جون شيون جيڪڏھن انبياء عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کان اعلانِ نبوت ڪرڻ کان پھريان ظاھر ٿيون ھجن تہ **اِرھاص** ۽ اعلانِ نبوّت کان پوءِ ظاھر ٿيون ھجن تہ معجزو چورائيندیون آھن ۽ جيڪڏھن عام مؤمن کان اھڙين شين جو ظھور ٿئي تہ ان کي مَعُونَت چوندا آھن ۽ ڪنھن ڪافر کان ڪڏھن ان جي خواھش جي مطابق ھن قسم جي شيءِ ظاھر ٿي وڃي تہ ان کي اِسۡتِدرَاج چيو ويندو آھي. (النبراس شرح شرح العقائد ،اقسام الخوارق سبعة ، ص٢٧٢ ملخصاً)

صدرُ الشَّرِيعہ، بَدرُ الطَّرِيقہ حضرت علاّمہ مَولانا مُفتي امجَد عَلي اَعظَمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ ڪرامتِ اولياء حق آھي، ان جو منڪر گمراھ آھي. (بھارِ شريعت، حصہ اول، ج 1، ص. 269) ڪرامت جون تمام گھڻيون قسمون آھن مثلاً مردن کي زنده ڪرڻ، انڌن ۽ ڪَوڙھِين کي شفا ڏيڻ، وڏي سفر ڪرڻ وارن رستن کي لمحي ۾ طئي ڪري ڇڏڻ، پاڻيءَ تي ھلڻ، ھوائن ۾ اُڏرڻ، دل جي ڳالھ ڄاڻي وڃڻ ۽ پري وارين شين کي ڏسي ڇڏڻ وغيره وغيره

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اوھان ٻڌو تہ ڪرامت جون ڪيئي قسمون ٿينديون آھن، پر حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تي اھو ربّ ڪريم جو خاص فضل وڪرم

۽ احسان ھو جو الله پاڪ سندن کي ٻين اولياء ڪرام کان وڌيڪ ڪرامتون عطا ڪيون ھيون، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه الله پاڪ جي عطا سان ڪڏھن مُردن کي زنده ڪندا آھن تہ ڪڏھن انڌن (Blinds) کي اکيون عطا ڪندا آھن. ڪڏھن ڪوڙھ مرض وارن کي شفاء ڏيندا ھئا تہ ڪڏھن بيمارن ۽ پريشان حالن جي مدد ڪندا ھئا. ڪڏھن پري کان مدد جي لاءِ سڏڻ وارن جي مدد ڪندا ھئا تہ ڪڏھن حاجت مندن جي حاجت پوري ڪندا ھئا. ڪڏھن ڪنھن جي دل ۾ اچڻ وارن خيالن بابت خبر پوندي ھئي تہ ڪڏھن پنھنجي بارگاھ ۾ ايندڙن جي مشڪلاتن کي پري ڪندا ھئا. ڪڏھن چورن ۽ ڌاڙيلن تي نگاھِ ڪرم وجھي نيڪ بڻائيندا ھئا تہ ڪڏھن فاسق ۽ فاجر ماڻھن کي پنھنجي نگاھِ ولايت سان ربّ ڪريم جو محبوب ٻانھو بڻائيندا ھئا. اچو! پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جون ڪجھ ڪرامتون ٻڌون ٿا: جيئن

## غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي دُعا جي بَرَڪت

حضرت سَيِّدُنا شَيخ اِسماعيل بن علي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ حضرت سَيِّدُنا شَيخ علي بن ھيتمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جڏھن بيمار ٿيندا ھئا تہ ڪڏھن ڪڏھن منھنجي زمين ڏانھن تشريف ڪٺي ايندا ھئا ۽ اتي ڪيئي ڏينھن گُذاريندا ھئا. ھڪ ڀيري پاڻ اتي بيمار ٿي پيا تہ انھن وٽ غَوثِ صَمداني، قُطبِ رَبَّانِي، شَيخ سَيد عَبدُالقَادِر جِيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بَغداد کان عيادت جي لاءِ تشريف فرما ٿيا، ائين ٻئي اَولِياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِما منھنجي زمين تي گڏ ٿيا، ايستائين جو ڪجي جا وڻ ھئا جيڪي چئن (4) سالن کان خُشڪ ھئا ۽ انھن تي ميوو (Fruit) نہ لڳندو ھو. اسان انھن وڻن کي ڪپڻ جو اِرادو ڪيو تہ حضرت سَيِّدُنا شَيخ عَبْدُالقادِر جِيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان مان ھڪ وڻ جي ھيٺان وُضُو ڪيو ۽ ٻي جي ھيٺان ٻہ نَفل ادا ڪيائون. ڏسندي ئي ڏسندي ٻئي وڻ ساوا ٿي ويا، انھن جا پن ڦٽڻ شروع ٿيا ۽ انھيءَ ھفتي ۾ انھن کي ميوو لڳي ويو ايستائين جو اھو ڪجين جو وَقت نہ ھو. مون پنھنجي زمين مان ڪجھ ڪجيون کڻي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت

۾ حاضِر ڪيون، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان مان ڪاڏيون ۽ مون کي فرمايائون: الله پاڪ تنهنجي زمين، تنهنجي دِرهم، تنهنجي صاع (مخصوص پيماني) ۽ تنهنجي (جانوَرن جي) کير ۾ بَرَڪت ڏي.“

حضرت سَيِدُنا شَيخ اِسماعيل بن علي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: منهنجي زمين ۾ ان سال جي مِقدار کان 2 کان 4 پيرا وڌيڪ فَصل پيدا ٿيڻ شُروع ٿيو، هاڻي منهنجو حال هي آهي ته جڏهن مان هڪ دِرهم خَرچ ڪندو آهيان ته ان سان مون وٽ ٻه (2) کان ٽي (3) پيرا وڌيڪ مال اچي ويندو آهي ۽ جڏهن مان ڪڻڪ جون سو (100) ٻوريون ڪنهن گهر ۾ رکندو آهيان، پوءِ ان مان پنجاهه (50) ٻوريون خَرچ ڪري ڇڏيندو آهيان ۽ باقين کي ڏسندو آهيان ته سو (100) ٻوريون مَوجُود هنديون آهن. منهنجا جانور ايتري قَدَر ٻچا ڏين ٿا جو مان انهن جي ڳڻپ وسري ويندو آهيان. اهو حال حضرت سَيِدُنا شَيخ عَبْدُالقادِر جِيلاني رَحْمَةُاللهِعَلَيْه جي بَرَڪت سان اجا تائين باقِي آهي. (بهجةالاسرار، ذکرفصول من کلامه۔۔۔الخ، ص۹۱)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اهي آهن حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مبارڪ وجود جون برڪتون. يقيناً اسان اهو سوچيندا هونداسين ته حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي ايتري قدر شان ۽ عظمت ۽ وڏو رتبو ڪيئن نصيب ٿيو، ته ياد رکو! جيڪي ماڻهو پنهنجي زندگي ربّ ڪريم جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ۾ گذارين ٿا، ته الله ڪريم انهن کي پنهنجي حقيقي محبت عطا فرمائيندو آهي ۽ انهن کي ڪيئي ڪرامتن سان نوازيندو آهي، اهو ئي سبب آهي جو

## شانِ غوث ِ پاڪ

❖ اسان جي غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي زندگي جو هر هر لمحو شريعتِ مطهره تي عمل ڪندي گذرندو هو ❖ اسان جا غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرائض و واجبات جي پابندي ڪندا هئا. ❖ اسان جي غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پيدا ٿيندي ئي روزو رکي

ورتو هو. ❖ اسان جي غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي جڏهن چار يا پنج سال جي عمر ۾ بِسْمِ الله خواني جي رسم ادا ڪئي وئي ته پاڻ تَعَوُّذْ (اَعُوْذُبِاللّٰه مِنَ الشَّيطٰنِ الرَّجِيم) ۽ تَسْمِيه (بِسْمِ الله الرَّحْمٰنِ الرَّحِيم) ڪان پوءِ 18سيپارا زباني پڙهي ڇڏيا ۽ فرمايائون: منهنجي امڙ (رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْها) کي به ايترو ئي ياد هو، اهي پڙهنديون هيون ته مون ٻڌي ياد ڪري ورتو. ( رساله منّے کي لاش،ص۴) ❖ اسان جي غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 40 سال (Forty years) تائين عشاء جي وضو سان فجر جي نماز ادا فرمائي. ❖ اسان جا غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جڏهن بي وضو ٿيندا هئا ته انهيءَ وقت وضو فرمائي (2) رڪعت نماز نفل پڙهي وٺندا هئا. (بهجة الاسرار،ذڪرطريقه،ص۱۶۴) ❖ اسان جا غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه روزانو هڪ هزار (1000) رَڪعَت نفل ادا ڪندا هئا. (غوثِ پاڪ ڪےحالات،ص۳۲) ❖ اسان جي غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي دستِ ڪرامت تي پنج سو (500) ڪان وڌيڪ غيرمسلمن اسلام قبول ڪيو ۽ هڪ لک ڪان وڌيڪ ڌاڙيل، چورن، فاسقن ۽ فاجرن، فسادين ۽ وڏن وڏن گناهه ڪرڻ وارن توبه ڪئي. (بهجةالاسرار، ذڪر وعظه، ص ۱۸۴)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بي شمار خوبين جو مجموعو هئڻ سان گڏوگڏ عِبادت ورِياضَت، وِلايت ۽ ڪرامَت ۾ ته پنهنجو مٽ پاڻ هئا، پڻ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه زُهد وتَقوٰي ۽ قناعت پسندي ۾ به باڪمَال هئا، دُنياوِي مال ودَولَت جا خَواهش مَند بلڪل نه هئا، جيڪڏهن ڪو مَالدَار شخص (Richman) پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي مال و دَولَت پيش ڪندو هو ته پاڻ قَبول نه ڪندا هئا، بلڪ سامهون واري کي نيڪي جي دعوت ڏيندا هئا ۽ اصلاح جي ڪوشش ڪندا هئا.

## زُهد وتقوي

شَيخ ابُو العَبَّاس خِضَر بِن عبدُالله حُسَينِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بَيان ڪن ٿا ته هڪ رات

اسان بَغداد ۾ سَيدُنا شَيخ مُحِي الدّين عبدُالقادِر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مَدرَسي ۾ هئاسين، هڪ خَلِيفو سندن جي خِدمَتَ ۾ آيو ۽ سَلام ڪان پوءِ عَرض ڪيو تہ مون کي ڪجهہ نَصِيحَت فرمايو ۽ مال و زَر جون ڏهہ (10) ڳوٿريون پيش ڪيون، جنهن کي خادِمُ کڻي بيٺو هو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: مون کي انهن ڳوٿرين جي ضَرُورَت نہ هئي پر خَلِيفي واپس وٺڻ کان اِنڪار ڪيو ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تي زور پريو، پاڻ هڪ ڳوٿري پنهنجي ساڄي هٿ ۾ کنئي ۽ ٻي کاٻي ۾ ۽ ٻنهي کي دَٻائي نچوڙيو تہ ان مان رت وهڻ لڳو، پوءِ پاڻ ان خَلِيفي کي فرمايو: ڇا تون الله عَزَّوَجَلَّ کان حياء نٿو ڪرين جو ماڻهن جو رت کڻي مون وٽ آيو آهين؟ هي ٻڌي هو بيهوش ٿي ويو. (بهجة الاسرار،ذكر فصول من كلامه ــ الخ،ص١٢٠)

اي عاشقانِ غوثِ اعظم! بلند آواز سان نعرن جو جواب ڏيو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| محتاج کی ثروت | غوثِ پاک | وہ آپ کی ہیبت | غوثِ پاک |
| دوجذبہ ٔخدمت | غوثِ پاک | دُوں نیکی کی دعوت | غوثِ پاک |

♣مرحبایاغوثِ پاک♣مرحبایاغوثِ پاک♣مرحبایاغوثِ پاک

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل واقعي مان هڪ ڳالهه اها معلوم ٿي تہ حُضُور غَوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه زهدوتقويٰ جا پيڪر ۽ دُنيوِي مال و دَولَت سان بي رغبت هئا، تڏهن تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان خَلِيفي جي دَولَت نڪرائي ڇڏي، ٻي ڳالهه اها بہ معلوم ٿي تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه منصب رکڻ وارن جي رُعب ۽ دبدبي سان متاثر نہ ٿيندا هئا ۽ نہ ئي وڏي منصب وارن جي خُوشامد ۽ چاپلوسي ڪندا هئا بلڪ انهن کي گناهن ۾ ملوث ڏسي انهن کي نيڪي جي دعوت ڏيندا هئا، وعظ و نصيحت ڪندا هئا ۽ هر طرح سان انهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪندا هئا. ڇوتہ دولت مندن جي خُوشامد تہ اهو ڪري، جنهن کي دُنيا جي ذليل دَولت

ماڻھن جي لالَچ هجي، جڏهن تہ الله وارا تہ قَناعت جي قيمتي دولت سان مالا مال هوندا آهن، الله وارن جي نظر دولتمندن جي فاني مال تي نہ بلڪ الله وارن ڪي رَحمتِ الٰهي تي ڀروسو هوندو آهي. ياد رکو! مالدارن جي دولت جي سبب انھن جي تعظيم ڪرڻ شرعاً ممنوع آهي، جيئن تہ

## ٻہ ٽهائي دِين هليو ويندو آهي

مَنقُول آهي: جيڪو ڪنهن مالدار جي ان جي مالدار هئڻ جي ڪري خوشامد ڪري، ان جو ٻہ ٽهائي (2/3) دِين هليو ويندو آهي. (ڪشْفُ الْخِفاء، ٢ / ٢١٥،رقم: ٢۴۴٢)

اي عاشقانِ غوثِ اعظم! اسان ڪي گهرجي تہ دنياوي مالدارن جي خوشامد ۽ چاپلوسي ڪرڻ ۽ هر هنڌ انھن جي ڪوڙي واکاڻ ڪرڻ شروع ڪرڻ بدران انھن ڪي نيڪي جي دعوت ۽ فڪرِ آخرت جو ذهن ڏيون، نيڪي جي دعوت جي برڪت سان الله پاڪ چاهيو تہ اسان جي معاشري (Socity) مان بُرائيون ختم ٿيڻ شروع ٿي وينديون، هر پاسي نيڪين جون بهارون اچي وينديون، اسان جو معاشرو، اسان جي گلي محلو ۽ هر گهر **اَمن جو گهوارو** بڻجڻ شروع ٿي ويندو، هر پاسي **سُنّتن جون بهارون** اچي وينديون، نفرتن جون ڍِيوارون **محبّتن جي فضائن** ۾ تبديل ٿيڻ شروع ٿي وينديون، ڪيئي ڪيئي سالن کان **وڇڙيل دوست احباب ۽ خاندان** پاڻ ۾ ملي ويندا، رٺل ملي ويندا، گناهہ ڪرڻ وارا نيڪيون ڪرڻ وارا بڻجي ويندا، نمازون قضا ڪرڻ وارا نمازن جا پابند بڻجي ويندا، هر گهر مان تلاوتِ قرآن جا آواز اچڻ لڳندا، گناهن کي ڦهلائڻ وارا نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ وارا بڻجي ويندا.

سڄي دُنيا ۾ **نيڪي جي دعوت** پهچائڻ جو عظيم جذبو رکڻ وارا، اُمّت جا خيرخواهہ، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، بارگاهِ مصطفيٰ ۾ فرياد پيش ڪري رهيا آهن:

مجھے تم ایسی دو ہمّت آقا، دُوں سب کو نیکی کی دعوت آقا
بنا دو مجھ کو بھی نیک خصلت، نبیِّ رَحمت شفیعِ اُمّت

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سخاوت ۽ ايثار

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جا غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه زهد وتقوي، قناعت پسندي، پرهيزگاري ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ سان گڏوگڏ غَرِيبن، تنگدَستن ۽ حاجت مندن جي مدد ڪرڻ جهڙي وصف ۾ به پنهنجو مٽ پاڻ هئا، غريبن، تنگدستن ۽ حاجت مندن جي خدمت ڪرڻ جو جَذبو به پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي پاڪيزه ڪردار جو حِصّو هو، پاڻ ڪڏهن ڪنهن سوالي جو سُوَال رَدّ نہ فرمائيندا هئا، ڪڏهن ڪنهن حاجت مند کي خالي واپس نہ موٽائيندا هئا، بلڪ اهو فرمايو هئائون تہ مون سمورن عملن جي تَفتِيش ڪئي، انهن ۾ ڪاڌو ڪارائڻ کان اَفضل ڪو عَمَل نہ ڏٺو. ڪاش! منهنجي هٿ ۾ هجي هان تہ بکايلن کي ڪاڌو ڪارايان هان. (قلائد الجواهر، ص٣٧)

شَيخ عبدُالله جبائي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان ڪن ٿا تہ هڪ ڀيري حُضُورغو ثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مون کي ارشاد فرمايو تہ منهنجي ويجهو بکايلن کي ڪاڌو ڪارائڻ ۽ ماڻهن سان حُسنِ اخلاق سان پيش اچڻ ڪامل ۽ وڌيڪ فضيلت وارا عمل آهن. پوءِ ارشاد فرمايائون: منهنجي هٿ ۾ پيسو ناهي رڪندو، جيڪڏهن صُبح جو مون وٽ هزار (1000) دينار اچن تہ شام تائين انهن مان هڪ پيسو به نہ بچندو جو غريبن ۽ مُحتاجن ۾ ورهائي ڇڏيان ۽ بکايل ماڻهن کي ڪاڌو ڪارائي ڇڏيان. (قلائدالجواهر، ص٨ ملخصاً)

ترے در سے ہے منگتوں کا گزارا یاشہِ بغداد یہ سُن کر میں نے بھی دامن پسارا یاشہِ بغداد
مِری قسمت کا چمکا دو ستارہ یاشہِ بغداد دِکھا دو اپنا چہرہ پیارا پیارا یاشہِ بغداد

غمِ شاہِ مدینہ مجھ کو تم ایسا عطا کر دو جگر ٹکڑے ہو دل بھی پارہ پارہ یاشہِ بغداد
مجھے اچھا بنا دو مُرشِدی بے شک یقیناً ہیں مِرے حالات تم پر آشکارا یاشہِ بغداد

اچو! حضور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي سخاوت ۽ غريبن جي مدد بابت هڪ نهايت ئي پيارو واقعو ٻڌون ٿا،

## هي سڀ ان رات جي برڪت آهي

پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي صاحبزادي حضرت شيخ سيد عبدالرزاق قادري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو بيان آهي تہ جڏهن منهنجا والد صاحب مشهور ٿي ويا تہ سندن صرف هڪ دفعي حج ڪيو، ان حج جي آمدورفت ۾ مان سندن سواري جي واڳ پڪڙيندو هئس جڏهن اسان بغداد جي ڏکڻ واري پاسي ۾ موجود شهر ۾ پهتاسين تہ پاڻ فرمايائون تہ هتي سڀ کان غريب گهر جي تلاش ڪريو، ان ڪري اسان هڪ ويرانو ڏٺو جنهن ۾ پشم (اُون) جو هڪ خيمو هو، ان ۾ هڪ پوڙهو، هڪ پوڙهي ۽ هڪ ڇوڪِري هئي. پاڻ ان پُوڙهيءَ کان اجازت وٺي ۽ ساٿين سان گڏ ان وِيراني ۾ ترسيا، ان شهر جا مشائخ ۽ رئيس ۽ امير سندن خدمت ۾ آيا ۽ درخواست ڪئي تہ اوهان اسان جي غريب خانن ۾ يا ڪنهن بي سٺي گهر ۾ هلو پر پاڻ منظور نہ ڪيائون. شهر جي حاڪم سندن لاءِ ڪافي ڳئون ٻڪريون، ڪاڏو، سون، چاندي ۽ سامان موڪليو ۽ سفر جي لاءِ سواريون موڪليون ۽ ماڻهو هر طرف کان سندن خدمت ۾ حاضر ٿيا، پاڻ پنهنجي ساٿين کي فرمايو تہ هن تمام سامان مان مون پنهنجو حصّو هن گهر وارن کي بخشي ڇڏيو. هي ٻڌي اُنهن چيو تہ اسان بہ پنهنجو پنهنجو حصّو بخشي ڇڏيو، اهڙي طرح اهو تمام مال ان پوڙهي، پوڙهيءَ ۽ ڇوڪريءَ کي ڏنو ويو رات جو پاڻ اتي رهيا ۽ صُبح جو روانا ٿيا، (پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جا صاحبزادا فرمائن ٿا) ڪيئي سالن کان پوءِ ان شهر مان منهنجو گُذرڻ ٿيو، چا ڏسان ٿو تہ هو پوڙهو اتي جي رهواسين ۾ سڀ کان وڌيڪ مالدار آهي. ان مون کي چيو تہ هي سڀ

ڪجھ ان رات جي برڪت آهي، انهن ڏڳين ۽ ٻڪرين ٻچا ڄڻيا ۽ اهي وڏا ٿي ويا، هي انهن مان ئي آهي. (بهجةالاسرار، ذكر شي من شرائف اخلاقه،ص١٩٨)

مل گیا مجھ کو غوث کا دامن، فضلِ ربِّ کریم سے روشن
مِری تقدیر کا ستارہ ہے،واہ کیا بات غوثِ اعظم کی
غوث رَنج واَلم مِٹاتے ہیں،اُس کو سِینے سے بھی لگاتے ہیں
آ گیا جو بھی غم کا مارا ہے واہ کیا بات غوثِ اعظم کی
(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص٥٧٨،٥٧٧)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## مجلسِ ڊاڪٽرز

اي عاشقانِ غوث ِاعظم! ايثار ۽ سخاوت جو جذبو ماڻڻ، مسلمانن سان حُسنِ اَخلاق سان پيش اچڻ، غريبن، تنگدستن ۽ محتاجن جي حاجت روائي جو جذبو ماڻڻ ۽ غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سيرتِ طيبه جي روشن پهلوئن تي عمل جو جذبو وڌائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ سان وابسته ٿي وڃو، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عاشِقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي ڪم و بيش 107 شعبن ۾ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ ۾ مصروفِ عمل آهي، انهن مان هڪ شعبو **”مجلس ڊاڪٽرز“** به آهي. موجوده دور ۾ عِلاج جا مُختلف طريقا رائج آهن، ايلو پيٿڪ ۽ ميڊيسن سان علاج ڪرڻ وارن کي ايلو پيٿڪ ڊاڪٽرز، هوميو پيٿڪ ۽ ادويات سان علاج ڪرڻ وارن کي ”هوميو پيٿڪ ڊاڪٽرز“، يوناني طريقهءِ طِب ۽ دوائن سان علاج ڪرڻ وارن کي ”حڪيم“ چيو ويندو آهي، جانورن جي ڊاڪٽرکي ويٽرنري ڊاڪٽر ۽ ڊاڪٽرن جو هڪ قسم هوميوپيٿڪ ڊاڪٽر چيو ويندو آهي. عاشقان رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ طبيبن جي هر طَبقي جي لاءِ هڪ الڳ مجلس قائم ڪئي وئي آهي، ان تمام مَجلسن جو بنيادي مَقصَد ان پيشي سان وابسته ماڻهن جي دلين ۾ فَرض عُلُوم جي اَهميت اُجاگر ڪرڻ سان گڏوگڏ انهن تائين دعوتِ اسلامي جو مدني پيغام پهچائڻ ۽ انهن کي دعوتِ اسلامي جي مدني

ماحول سان وابسته ڪندي هن مدني مقصد ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اِصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي. اِنْ شَآءَاللّٰه“ جي مُطابِق زندگي گذارڻ جو مدني ذهن ڏيڻ آهي. الله پاڪ دعوتِ اسلامي جي تمام مجلس ۽ شعبن کي مزيد ترقيون عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

الله کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں اے دعوتِ اسلامی تیری دھوم مچی ہو !

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيعت بابت ڪجھ مدني ڳالهه

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي بيعت بابت ڪجھ اهم مدني ڳالهه بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيون ٿا: ❖ دنيا ۾ ڪنهن صالح کي پنهنجو امام بنائڻ گهرجي، شَرِيعَت ۾ تقليد ڪري ۽ طريقت ۾ بَيعَت ڪري ته جيئن حَشر چڱن سان گڏ ٿئي. (آدابِ مرشد کامل،ص۱۳) ❖ ايمان جي حفاظت جو هڪ ذريعو ڪنهن مرشِد ڪامل سان مُريد ٿيڻ به آهي. (آداب مرشد کامل،ص۱۲) ❖ حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو مُريد بڻجڻ ۾ ايمان جو تحفظ، مرڻ کان پهريان توبه جي توفيق، جهنم کان آزادي ۽ جنت ۾ داخلي جهڙا عظيم فائدا موجود آهن. (فکر مدينه ،ص۱۶۱) ❖ پير اُمورِ آخِرت جي لاءِ بڻايو ويندو آهي ته جيئن ان جي رهنمائي ۽ باطني توجھ جي بَرَڪت سان مُريد الله ۽ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ناراضي وارن ڪمن کان بچندي رِضاءِ رَبُّ الانام جي مَدَني ڪم جي مطابق پنهنجا ڏينهن رات گذاري سگهي. (آدابِ مرشد کامل،ص۱۳) ❖ قاصد يا خط ذريعي مُريد ٿي سگهجي ٿو- (فتاوي رضويه ، ۵۸۵/۲۶)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهار شريعت**“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”**سنتين** اور **آداب**“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر بہ آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اِنۡ شَآءَاللّٰه! آئنده هفتيوار اِجتماع جو موضوع”ننڍڙن اولياءِڪرام“ جي باري ۾ هوندو؛ لهٰذا! **آئنده جمعرات** بہ اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نہ صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ **اِنفرادي ڪوشش** ڪري ٻين کي بہ گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ ڪٽي زور سان چئو: اِنۡ شَآءَاللّٰه

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙھيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِ ِالنَّبِیِّ الْاُمِّیِّ الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاہِ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَصَحْبِہٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آھي تہ جيڪو شخص ھر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) ھن دُرُود شريف کي پابندي سان گھٽ ۾ گھٽ ھڪ ڀيرو پڙھندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين ھو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنھنجي ھٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رھيا آھن.[1]

## (2) سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه کان روايت آھي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص ھي دُرُود شريف پڙھي جيڪڏھن بيٺل ھو تہ ويھڻ کان پھريان ۽ ويٺل ھو تہ بيھڻ کان پھريان، ان جا گناھ معاف ڪيا ويندا.[2]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

جيڪو ھي دُرُود شريف پڙھندو آھي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آھن.[3]

---

[1]...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ السادسۃ والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الحادیۃ عشرۃ، ص 65

[3]...القول البدیع، الباب الثانی، ص277،

## (4) ڇھ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلْکِ اللّٰہِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا ھن دُرُود شريف کي ھڪ ڀيرو پڙھڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙھڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آھي. [1]

## (5) قُربِ مُصطفٰي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰی لَہٗ

ھڪ ڏينھن ھڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ڪيس پنھنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي وچ ۾ ويھاريو، انھيءَ تي صَحابَهِ ڪرام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنہُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اھڙي مرتبي وارو شخص ڪير آھي جڏھن اھو ھليو ويو ته سرڪار مدينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ھو جڏھن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙھندو آھي ته ھيئن پڙھندو آھي. [2]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْہُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَۃِ

شافع امم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آھي : جيڪو شخص ھي درود پاڪ پڙھي ان جي لاءِ منھنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آھي. [3]

---

[1] ...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الثانیۃ والخمسون، ص149

[2] ...القول البدیع، الباب الاول، ص125

[3] ... الترغیب والترھیب، ج ۲، ص ۳۲۹، حدیث ۳۱

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

1 ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،10/254،حديث:17305